# هميشه
# سچ ڳالهايو

**28-March-2019**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# هميشه سچ ڳالهايو

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

مڪي مديني جي تاجدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فَرمانِ رَحمت نِشان آهي: جيڪو مون تي دُرُود پڙهندو آهي، ان جو دُرُود مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار ڪندو آهيان ۽ ان کان عِلاوه ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن. (معجم اوسط ،من اسمه احمد،١/ ٤٤٦،رقم: ١٦٤٢)

ذِکر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے میری فُضُول گوئی کی عادَت نکال دو
(وسائل بخشش مرمم،ص۳۰۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان سچ ڳالهائڻ بابت بيان ٻڌنداسين. سڀ کان پهريان هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌنداسين. سچ ۽ ڪوڙ جي وصف به بيان ڪئي ويندي. سچ جا فائدا به بيان ڪيا ويندا. صادق ۽ امين آقا، مهربان ۽ ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيئي هنڌن تي سچ ڳالهائڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي

آهي، اهڙيون ڪجهه حديث سڳوريون بہ ٻڌنداسين. سچ ڳالهائڻ جي برڪتن بابت ڪجهه حڪايتون بہ بيان ڪيون وينديون. سچ جي اُبتڙ ڪوڙ آهي ۽ ڪوڙ ڪيترو هلاڪ ڪندڙ آهي ان جون ڪجهه تباهيون بہ بيان ڪيون وينديون. ضمناً ڪيئي مدني گل بہ بيان ڪيا ويندا. ڪاش جو اسان مڪمل بيان مڪمل توجهہ سان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اچو! سڀ کان پهريان سچ جي برڪت تي هڪ حڪايت ٻڌون ٿا:

## سچو ٻڪرار

حضرت نافع رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْھُمَا پنهنجي ڪجهه ساٿين سان گڏ هڪ سفر ۾ هئا، واٽ تي هڪ جڳهه تي ترسي پيا ۽ کائڻ جي لاءِ دسترخوان وڇايو ويو، ايتري ۾ هڪ ٻڪرار (يعني ٻڪريون چارڻ وارو) اتي آيو پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن ان کي فرمايو اچو! کاڌو کائو، عرض ڪيائين: منهنجو روزو آهي، حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْھُمَا جن فرمايو: ڇا توهان هن سخت گرمي جي ڏينهن ۾ (نفل) روزو رکيو آهي ۽ توهان تہ جبل تي ٻڪريون بہ چاري رهيا آهيو، ان چيو: الله جو قسم! مان اهو انهيءَ لاءِ ڪري رهيو آهيان جو زندگي جي گذريل ڏينهن جي تلافي (يعني بدلو ادا) ڪري وٺان، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ان جي پرهيزگاري جو امتحان وٺڻ جي ارادي سان فرمايائون: ڇا تون پنهنجي ٻڪرين مان اسان کي هڪ ٻڪري وڪڻندين؟ ان جي قيمت ۽ گوشت توهان کي بہ ڏينداسين تہ جيئن توهان انهيءَ سان روزو افطار بہ ڪري سگهو، ان جواب ڏنو: اهي ٻڪريون منهنجون نہ آهن، منهنجي مالڪ جون آهن، حضرت عبدالله رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن ان کي آزمائڻ جي لاءِ فرمايو: مالڪ کي چئجو تہ انهن مان هڪ بگهڙ (Wolf) کڻي ويو، غلام چيو: تہ پوءِ الله ڪٿي آهي؟ (يعني الله تہ ڏسي رهيو آهي، اهو حقيقت کي ڄاڻي ٿو ۽ انهيءَ سبب منهنجي پڪڙ ڪندو) جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مديني واپس موٽيا تہ ان جي مالڪ کان غلام ۽ سموريون ٻڪريون

خريد ڪيون پوءِ ٻڪرار ڪي آزاد ڪري ڇڏيائين ۽ ٻڪريون بہ ان ڪي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيون. (شُعَبُ الْاِيمان ،۳۲۹/۴،حديث:۵۲۹۱ مُلَخَّصاً، از جهوٽا چور ص ۱۶بتغير)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان هڪ **مدني گل** اهو حاصل ٿيو تہ هر حال ۾ سچ ڳالهائڻ گهرجي ۽ سچ ئي کي پنهنجي عادت بنائڻ گهرجي. ڪڏهن سچائي جي اهڙي قوت ۽ برڪت ظاهر ٿيندي آهي جو عقل حيران ٿي ويندو آهي جيئن تہ هاڻي اسان ٻڌو. تنهنڪري عقل مندي اها ئي آهي تہ سچن جي پيروي ڪئي وڃي ۽ سچ ڳالهائڻ جي ئي عادت ٺاهي وڃي. اچو! نعرو لڳائي پنهنجي عزم جو اظهار ڪيون ٿا.

جهوٹ کے خلاف جنگ۔۔۔۔جاری رہے گی
نہ جهوٹ بولیں گے نہ بُلوائیں گے۔۔۔۔اِنْ شَآءَ الله

## الله وارا ڪير آهن؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن نيڪ ۽ سچي ٻڪرار جي ڪردار مان اهو بہ سبق ملي ٿو تہ ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جيڪي** هميشہ سچ ڳالهائيندا آهن. ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جيڪي** هميشہ خوفِ خدا ۾ رهن ٿا. ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جيڪي** شريعت جي خلاف ورزي ناهن ڪندا. ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جيڪي** دِين جي پيروي ڪندا آهن. ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جيڪي** علم ۽ عمل جا جامع هوندا آهن. ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جيڪي** تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو مَظهر هوندا آهن. ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جيڪي** صاف سُٿري ڪردار جا مالڪ هوندا آهن. ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جيڪي** مخلوق کان خوف زده ناهن ٿيندا بلڪ خالق جو ڊپ

انهن جي دلين ۾ سمايل هوندو آهي. ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جيڪي** پنهنجي رِضا جي لاءِ نه بلڪ صرف ۽ صرف رِضاءِ الٰهي جي لاءِ ڪم ڪندا آهن. ❖ **الله وارا اهي ئي هوندا آهن جن جي** نظر دنيا تي نه بلڪ دنيا بڻائڻ واري تي هوندي آهي.

**اي ڪاش!** جو اسان به الله وارن جي نقشِ قدم تي هلڻ وارا بڻجي وڃون. **اي ڪاش!** جو اسان به دنيا جي لاءِ نه بلڪ پنهنجي خالقِ حقيقي جي رِضا جي لاءِ ڪم ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. **اي ڪاش!** جو اسان به مخلوق جي بدران شريعت جي اِتباع ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

## سڄي ڳالهائڻ جي اهميت

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان سچ ڳالهائڻ جي باري ۾ بيان ٻُڌِي رهيا آهيون. هن ۾ شڪ ناهي ته الله پاڪ اِنسان کي بيشمار نعمتن سان نوازيو آهي، انهن مان هڪ عظيم نعمت ”زَبان“ به آهي، زَبان بظاهر گوشت جي هڪ ننڍي ٻوٽي آهي، پر رب تعالي جي عظيمُ الشّان نعمت آهي. زَبان جو دُرُست اِستِعمال جنَّت ۽ غَلَط استِعمال جهنَّم ۾ داخل ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو پنهنجي زبان جو دُرُست اِستعمال ڪندي صدقِ دل (يعني سچي دل) سان ڪلمو شريف پڙهي وٺي ته ان جي لاءِ جنَّت واجب ٿي ويندي آهي جيئن ته نور واري آقا، دِلين کي جڳمڳائڻ واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَنْ قَالَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ دَخَلَ الْجَنَّةَ وَ وَجَبَتْ لَهُ الْجَنَّةُ جنهن لَآ اِلٰه اِلَّا الله چيو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي. (مستدرڪ للحاڪم، ڪتاب التو بة والانابة،باب من قال لا اله ..الخ، ۳۵۶/۵، حديث:۷۷۱۳)

۽ جيڪڏهن اها ئي زَبان مَعَاذَالله (الله جي پناهه)، الله پاڪ جي نافرماني ۾ استعمال ٿي ته تمام وڏي آفت جو سبب بڻجي سگهي ٿي جيئن ته فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: اِنسان جون اڪثر خطائون ان جي زَبان سان ٿينديون آهن. (شعب الايمان،باب في حفظ اللسان،۴ /۲۴۰، حديث:۴۹۳۳ )

تنهنڪري عقل مند اهو ئي آهي جيڪو زبان جو چڱي طرح استعمال ڪري ۽ ان کي بُري استعمال کان بچائي، پنهنجي زبان کي فضول گوئي کان بچائي، ڪنهن کي گار ڏيڻ کان بچائي، ڪنهن جي دِل آزاري کان بچائي. زبان جو سنو استعمال ڪيترو فائدي مند آهي جڏهن ته ان جو بُرو استعمال ڪيترو نقصان ده ثابت ٿي سگهي ٿو، اچو هن باري ۾ هڪ دلچسپ فرضي حڪايت ٻڌون ٿا:

## ٻن پوڙهين پاڙيسرين جي آڪاٽي

ٻه پوڙهيون پاڻ ۾ پاڙيسري (Neighbour) هيون، هڪ زبان جي تمام سٺي هئي جڏهن ته ٻي وڏي بدزبان هئي. اها پوڙهي جيڪا زبان جي گهٽي سٺي هئي، هڪ ڏينهن جهنگ ۾ هڪ وڻ جي هيٺيان ويهي رهي. اتفاق سان اونهاري، سياري ۽ برسات جي موسمن جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو، سيارو چوندو هو ته مان سيني موسمن کان پلو آهيان، اونهاري جي دعويٰ هئي ته تمام موسمن ۾ منهنجو ڪوئي مٽ ناهي، جڏهن ته برسات جي موسم جو چوڻ هو ته مون کان سنو ٻيو ڪو موسم نه آهي. پاڻ ۾ انهن طئي ڪيو ته ڪنهن انسان کان فيصلو ڪرايون ٿا. اهي ٽئي ان جهنگ ۾ هلڻ لڳا، اچانڪ سامهون اها پوڙهي وينل نظر آئي، ٽنهين اتفاق ڪيو ته انهيءَ کان پڇا ڪيون ٿا. سڀ کان پهريان سياري جي مُند ان پوڙهي وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي: امڙ سائڻ اهو ٻڌايو ته سياري جي مُند ڪيئن آهي؟ پوڙهيءَ چيو: سياري جي مُند جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جڏهن ايندي آهي ته هر پاسي رونق اچي ويندي آهي، ڪٿي برف جون سفيد چادرون چانئجي وينديون آهن، ته ڪٿي گهرن ۾ چُلها ٻاريا ويندا آهن، گرما گرم چانهه ۽ ڪافِي جا مزا هوندا آهن، طرح طرح جا ميوا گهر ايندا آهن، اخروٽ ۽ ڪاڄا گهرايا ويندا آهن، سڀ مزي سان کائيندا آهن، مطلب ته! سياري جي ڇا ڳالهه ڪجي!! سياري جي مُند اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ پوڙهيءَ کي انعام ۾ هڪ هزار اشرفين (سون جي سِڪن) جي ٿيلهي ڏني. پوءِ اونهاري جو موسم پوڙهيءَ وٽ اچي چوڻ لڳو: پوڙهي امان!

اهو ٻڌايو ته اونهاري جي موسم ڪيئن هوندي آهي؟ پوڙهي چوڻ لڳي: پٽ! اونهاري جو ڇا شان آهي، جڏهن ايندو آهي ته گهرن ۾ پڪا هلايا ويندا آهن، برف واريون قُلفيون ڪاڍيون ويندون آهن، ٿڌي ڪير ۽ شربتن سان مهمانوازي ٿيندي آهي، فصل پَچڻ لڳندو آهي، شام ۾ ماڻهو ٿڌي پاڻي سان غسل ڪندا آهن، اڱڻ ۾ ڇنڪار ڪيو ويندو آهي، پلنگ لڳايا ويندا آهن. مطلب ته! اونهارو ڀلو!! اونهارو به پنهنجي ساراهه ٻڌي خوش ٿيو ۽ هڪ هزار اشرفي جي ٿيلهي ان پوڙهيءَ کي انعام ۾ ڏنائين. پوءِ برسات جي مند ايندي آهي، حال احوال پڇي چوڻ لڳي: امڙ سائڻ! اهو ٻڌايو ته برسات جي موسم ڪيئن هوندي آهي؟ پوڙهي چوڻ لڳي: برسات واري موسم جي ته ڇا ئي ڳالهه آهي، اها نه هجي ته ماڻهو ڪيئن زندگي گذاري سگهندا، مينهن پوندو آهي جڻ رحمتِ الٰهي ڇما ڇم وسندي آهي، زمين جي اُڃ (Thirst) ختم ٿي ويندي آهي، وڻ ۽ عمارتون غسل ڪري صاف ٿي ويندا آهن، نديون نالا ڀرجي ويندا آهن، فائدو وٺڻ وارا ان مان فائدو وٺندا آهن، مطلب ته! برسات جي ڳالهه ڇا ڪجي. برسات جي موسم پنهنجي واکاڻ ٻڌي خوش ٿي ويندي آهي اها به پوڙهي کي هڪ هزار اشرفيون ڏيندي آهي. پوڙهي ٽي هزار اشرفيون ڪٺي گهر ايندي آهي ته پيسن جي ڪري جڻ گهر ۾ بهار اچي ويندي آهي، پاڙي واري ٻي پوڙهي گهر ۾ رونق ڏسي پڇا ڪندي آهي: اهي پيسا ڪٿان آنديئي؟ چيائين: سياري، اونهاري ۽ برسات جي موسمن ڏنا آهن.

پاڙي واري پوڙهي اها هڪ ڏينهن گهر وارن سان جهيڙو ڪري جهنگ ۾ ويهي رهي. اتفاق سان اونهاري، سياري ۽ برسات جي موسمن جي وري ملاقات ٿي، سيارو چوڻ لڳو: انهيءَ پوڙهي ڪنهن کي سڀ کان بهتر چيو؟ اونهاري چيو: اها پوڙهي وڏي چالاڪ هئي، اهو نه ٻڌايائين ته بهتر ڪهڙو موسم آهي، سڀني جي ساراهه ڪري مفت ۾ ٽي هزار اشرفيون وٺي وئي. مطلب وري طئي ٿيو ته ڪنهن ٻئي کان فيصلو ڪرايون ٿا، ڏٺائون ته هڪ ٻي پوڙهي ويٺي هئي، ان کان فيصلو ڪرائڻ جي لاءِ ڦيريان سيارو ان وٽ آيو ۽

پنهنجي باري ۾ پڇا ڪئي: پڙهي يڪدم چيو: سيءُ ايندو آهي ته سخت پريشان ڪندو آهي، ڪنهن کي فالج ٿيندو آهي ته ڪو اڌ رنگي ۾ مبتلا ٿيندو آهي، نزلو ۽ زڪام عام ٿي ويندو آهي، ڏند وڄندا آهن، وضو ڪرڻ مشڪل ٿي ويندو آهي، سَوَڙ ٿوري لهندي آهي ته يڪدم ٿڌي هوا داخل ٿي ويندي آهي، بستر برف ٿي ويندا آهن، حد ته اها آهي باهه جي تپش به گهٽجي ويندي آهي. سيارو ڪاوڙجي پوڙهي کي اڌ رنگي جو تحفو ڏئي هليو ويندو آهي، پوءِ اونهارو ايندو آهي چوندو آهي: پوڙهي اهو ٻڌايو ته اونهاري جي موسم ڪيئن هوندي آهي؟ پوڙهي ڪاوڙجي چيو: گرمي جو ڇا چئجي، ايندي آهي ته پگهر وهندو آهي، ڪپڙن مان ڌپ اچڻ لڳندي آهي، صبح جو تبديل ڪريون شام تائين وري ميرا ٿي ويندا آهن، صبح کان ئي گرم هوا هلڻ لڳندي آهي، اهو ئي شور ٿيندو آهي: هن کي گرمي لڳي، ڪنهن کي هيضو ٿيندو آهي ته ڪو اُس ۾ سڙي ويندو آهي، پاڻي پِي پِي ٿڪجي پوندا آهيون پر گرمي ختم نه ٿئي. گرمي ناراض ٿي اهڙي ڦوڪ هڻندي آهي جو ٻيڙيءَ کي گرمي لڳي ويندي آهي. هاڻي برسات جي موسم ايندي آهي، چوندي آهي ٻيڙي امان! اهو ٻڌائجو ته برسات جي موسم ڪيئن هوندي آهي؟ ٻيڙي چوندي آهي: برسات کان خدا بچائي، بجلي چمڪندي آهي، بادل گجگوڙ ڪندا آهن ته هانءُ ڦاٽي پوندو آهي، بارش جو شور سڪون تباهه ڪندو آهي، پير ٻاهر رکون ته ڪپڙن سميت پسي ويندا آهن، هر پاسي گپ هوندي آهي، رات ۾ مڇر ستائيندا آهن، ڏيڏرن جو شور سمهڻ ناهي ڏيندو اهڙي طرح نه رات جو سڪون ملندو آهي نه ڏينهن جو آرام. برسات جي مند اهڙي هوندي آهي. اهو ٻڌندي ئي برسات جي نگاهه بجلي ٻڌجي پوڙهي جي پير تي ڪرندي آهي ۽ پوڙهي اپاهج ٿي ويندي آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن فرضي حڪايت مان معلوم ٿيو ته هڪ پوڙهي زبان جي سني استعمال تي ڪيئي فائدا ڪمائيندي آهي جڏهن ته ٻي پوڙهي زبان جي غلط استعمال ڪرڻ جي ڪري هرويرو نقصان ۾ مبتلا ٿي

ويندي آهي. معلوم ٿيو تہ زبان جو سنو استعمال ڪيئي فائدن جو حق دار بڻائيندو آهي، جڏهن تہ زبان جو بُرو استعمال ڪيئي فائدن سان محروم بہ ڪندو آهي ۽ ڪيئي نقصانن جو سبب بہ ٿيندو آهي. تنهنڪري زبان جي چڱي استعمال جي عادت بنائڻ گهرجي.

زبان جي چڱي ۽ صحيح استعمال جي هڪ صورت سچ ڳالهائڻ آهي جڏهن تہ انهيءَ زبان جي غلط استعمال جي هڪ صورت ڪوڙ ڳالهائڻ آهي. سچ جون بيشمار برڪتون آهن، هميشہ سچ ڳالهائڻ وارو انسان دنيا ۾ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي جڏهن تہ ڪوڙ جون ڪيئي خرابيون آهن، انهن مان هڪ اها بہ آهي تہ ڪوڙو انسان دنيا ۾ بہ ذليل ۽ خوار ٿيندو رهندو آهي، ماڻهو ان تي اعتماد بہ ناهن ڪندا ۽ نفرت جي نگاهہ سان بہ ڏسندا آهن.انڪري ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچو ۽ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو!

جھوٹ کے خلاف جنگ۔۔۔۔۔جاری رہے گی

نہ جھوٹ بولیں گے نہ بلوائیں گے۔۔۔۔۔اِنْ شَآءَ اللہ

## سچ ڪوڙ جي وصف:

**حقيقت** جي مطابق قول ۽ فعل جو هئڻ سچ آهي، جڏهن تہ واقعي جي خلاف قول ۽ فعل جو اظهار ڪوڙ آهي. سچ ڳالهائڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ هميشہ ڪوڙ کان بچيو وڃي. بظاهر انسان اهو سمجهندو آهي تہ هڪ ڀيري جي ڪوڙ سان ڪجھ ناهي ٿيندو پر اهو ئي هڪ ڀيري جو ڪوڙ سچ جي تمام بنيادن کي تباهہ ڪندو آهي.

## هميشہ سچ ڳالهائڻ واري جي گفتگو جون برڪتون

جيڪڏهن انسان هميشہ سچ ڳالهائيندو رهي، ڪڏهن بہ ڪوڙ جي داغن سان دامن داغدار نہ ڪري تہ سچ جون وڏيون برڪتون ظاهر ٿينديون آهن. حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: جهڙي نموني کجور جي ٻُوٽي

(Plant) جي شروعات هڪ ٿاري سان ٿيندي آهي، ان وقت اها ٿاري ايتري ڪمزور هوندي آهي جو جيڪڏهن ٻار ان کي ڪڍي يا ٻڪري کائي وٺي ته ان جي جڙ ئي ختم ٿي ويندي آهي. پوءِ ان ٿاري کي مسلسل پاڻي ڏنو ويندو آهي جنهن سان وڌندي ويندي آهي ايستائين جو ان جي هڪ مضبوط جڙ تيار ٿي ويندي آهي، پوءِ اها ئي ٿاري جيڪا پهريان گهڻي ڪمزور هئي هاڻي ڇانوَ به ڏيندي آهي ميوو به ڏيندي آهي. اهڙي طرح سچائي به شروع ۾ دل ۾ ڪمزور هوندي آهي. ٻانهو ان جي حفاظت ۾ سار سنڀار ڪندو رهندو آهي، ڪوڙ کان بچندو رهندو آهي ۽ سچ جي ٻُوٽِي (Plant) جي سار سنڀار ڪندو رهندو آهي، ان حفاظت جي سبب الله پاڪ سچائي کي مضبوطي عطا فرمائيندو آهي، سچ ڳالهائڻ واري تي پنهنجون برڪتون نازل فرمائيندو آهي. پوءِ اهو سچ ڳالهائڻ ۽ سچائي جي حفاظت ڪرڻ جي ڪري ٻانهو ان مقام تي پهچي ويندو آهي جو ان جو ڪلام خطا ڪارن ۽ گناهن جي بيمارن جي لاءِ دوا جو ڪم ڏيڻ لڳندو آهي. اها ڳالهه بيان ڪرڻ کان بعد حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڇيا ڪئي: ڇا توهان اهڙن ماڻهن کي ڏٺو آهي جيڪي هن رُتبي تي فائز ٿيا؟ پوءِ پنهنجو پاڻ کي مخاطب ڪندي فرمايائون: ها! ڇو نه، خدا جو قسم! اسان اهڙن ماڻهن کي ڏٺو آهي ۽ اهي حضرت سيدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه آهن، اهي حضرت سيدُنا سعيد بن جبير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه آهن ۽ انهن جهڙا ٻيا خوش بخت انسان آهن، هي اهي ماڻهو آهن جو انهن مان هڪ شخص جي ڪلام سان الله پاڪ هزارين ماڻهن کي زندگي بخشيندو آهي يعني انهن جو ڪلام ٻڌي الله پاڪ جي رحمت سان هزارين انسان بُرائي جي راهه ڇڏي نيڪي جي رستي جا مسافر بڻجي ويندا آهن. (الله والوں کي باتين، ۲/۵۴۸بتغير)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سچ آخرت ۾ فائدو ڏيندو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته سچ جون وڏيون برڪتون آهن.سچ هڪ اهڙي خُوبي آهي جيڪا نه صرف هن دنيا ۾ انسان کي ڪاميابي ڏياريندو

آهي بلڪ آخرت ۾ بہ سچ ڳالهائڻ وارا سرفراز (يعني ڪامياب) ٿيندا. قرآنِ پاڪ ۾ بالڪل واضح طور تي انهيء ڳالھ ڪي بيان ڪيو ويو آهي، جيئن سيپاري 7 سوره مائده، آيت 119 ۾ ارشاد آهي:

هٰذَا يَوۡمُ يَنۡفَعُ الصّٰدِقِيۡنَ صِدۡقُهُمۡ ؕ لَهُمۡ جَنّٰتٌ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ

**ترجمو ڪنزُالايمان:** هيء آهي اهو ڏينهن جنهن ۾ سچن کي سندن سچ ڪم ڏيندو، انهن جي واسطي باغ آهن جن جي هينيان نهرون جاري آهن، هميشہ هميشہ انهن ۾ رهندا الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي، اها آهي وڏي ڪاميابي.
(پ ۷، المائد ھ: ۱۱۹)

مُفسّرِ قرآن، حضرت علامہ اسمٰعيل حقّي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه هن آيت سڳوري تحت جيڪو ڪجھ ارشاد فرمايو آهي، ان جو خلاصو مدني گلن جي صورت ۾ هن طرح آهي: ❖ سچ ڳالهائڻ وارن کي قيامت جي ڏينهن سچ نفعو ڏيندو. ❖ دنيا ۾ ڳالهايو ويندڙ ڪوڙ ۽ ڪيو ويندڙ ڏيکاء قيامت جي ڏينهن ڪنهن صورت نفعو نہ ڏيندا بلڪ اُلٽو ڦاسائيندا. ❖ عقل مند انسان کي سچائي جي راھ تي هلڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ❖ سچائي کي اختيار ڪرڻ انسان کي نيڪ عملن ڏانهن راغب ڪندو آهي. (روح البيان، المائدة، تحت الآية: ۱۱۹، ۲/۴۶۷-۴۶۸ ملخصاً)

هڪ ٻي هنڌ تي قرآنِ پاڪ ۾ ارشادِ رباني آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوۡنُوۡا مَعَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿۱۱۹﴾

ترجمو: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سچن جي صحبت ۾ هجو.
(پ11،توبه،آيت119)

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت سڳوري تحت آهي يعني انهن ماڻهن سان گڏ ٿي وڃو جيڪي ايمان ۾ سچا آهن، جيڪي مخلص آهن ۽ جيڪي رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِخلاص سان تصديق ڪن ٿا. (صراط الجنان، ۴/۲۵۷)

## دوستي ڪنهن سان ڪئي وڃي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! آيت ۽ ان جي تفسير مان معلوم ٿيو تہ ❖ اُنهن سان گڏ رهيو وڃي جيڪي نيڪ هجن. ❖ اُنهن جي صحبت اختيار ڪئي وڃي جيڪي پرهيزگار هجن. ❖ اُنهن سان تعلق رکڻ گهرجي جيڪي سچ ڳالهائڻ وارا هجن. ❖ اُنهن جي سنگت اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪي ڪوڙ کان بچڻ وارا هجن. ❖ اُنهن کي دوست بنائڻ گهرجي جيڪي شريعت تي عمل ڪرڻ وارا هجن. ❖ اُنهن کي دوست بنائڻ گهرجي جيڪي نماز روزي جا پابند هجن. ❖ اُنهن سان گڏ رهڻ گهرجي جيڪي الله پاڪ کان ڊڄڻ وارا هجن. ❖ اُنهن جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪي عشقِ رسول جا پيڪر هجن. ❖ اُنهن سان گڏ رهڻ گهرجي جيڪي صحابہ ۽ اهلبيت ۽ اولياءِ ڪرام جي محبت سان سرشار هجن. ❖ اُنهن جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪي فڪرِ آخرت سان بيقرار هجن. ❖ اُنهن جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪي موت، قبر، ميدانِ محشر ۽ خوفِ جهنم کان اشڪبار رهندا هجن. ❖ اُنهن سان گڏ رهڻ گهرجي جيڪي سنت ۽ شريعت جا پابند هجن. اي ڪاش! اسان کي اُنهن عاشقانِ رسول جي صحبت نصيب ٿي وڃي. ❖ جيڪي تِلاوتِ قرآن ڪرڻ وارا آهن ❖ جيڪي علمِ دِين خاص ڪري فرض علوم سکڻ سيکارڻ وارا آهن. ❖ جيڪي مدني انعامات تي عمل ۽ روزانو فڪرِ مدينہ (يعني پنهنجو محاسبو ڪرڻ وارا آهن. ❖ جيڪي پابندي سان مدني قافلن ۾ سفرڪرڻ وارا آهن، ❖ جيڪي پنهنجو وقت فضوليات ۾ برباد ڪرڻ بدران مطالعي جو ذوق ۽ شوق رکندي هفتيوار رِسالي جو مطالعو ڪرڻ وارا آهن، ❖ جيڪي 12 مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شرڪت ڪري وقت جي قرُباني ڏيڻ وارا آهن، ❖ جيڪي رمضان جا فرض روزا رکڻ سان گڏوگڏ نفلي روزي رکڻ وارا آهن، مطلب تہ! ❖ **اُنهن** سان دوستي ڪرڻ گهرجي جيڪي الله پاڪ ۽ ان جي رسول سان محبت رکندا هجن. يعني اسان جي دوستين جو معيار دِين ۽ شريعت جي پاسداري هئڻ گهرجي. افسوس! اڄ اسان دوستي ڀهريان ڪندا آهيون سوچيندا

بعد ۾ آهيون تہ منهنجو دوست ڪهڙو ماڻهو آهي؟ ان جون عادتون ڪهڙيون آهن؟ ان جو مزاج ڪهڙو آهي؟ ۽ هو دِين ۽ شريعت جو پابند ڪيترو آهي.

**ياد رکو!** دوست ئي انسان جي مزاج ۽ عادتن جي سڃاڻپ هوندو آهي، ان ڪري دوست انهيءَ ڪي بنائڻ گهرجي جيڪو ديندار هجي.

حضرت سَيِّدُنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: پنج (5) قسم جي ماڻهن جي صحبت اختيار نہ ڪيو!

1. **گهڻو ڪوڙ ڳالهائيندڙ شخص،** چوتہ توهان کي ان کان ڌوکو ملندو، هو سراب (يعني صحرا ۾ پاڻي جيان نظر ايندڙ واري) جيان آهي. اهو پري واري کي تنهنجي قريب ڪندو ۽ قريب واري کي پري ڪندو.
2. **بيوقوف ماڻهو،** چوتہ ان کان توهان کي ڪجهه بہ حاصل نہ ٿيندو، اهو توهان کي نفعو پهچائڻ چاهيندو پر نقصان پهچائي ويهندو.
3. **بخيل شخص،** چوتہ جڏهن توهان کي ان جي گهڻي ضرورت هوندي تہ هو دوستي ختم ڪري ڇڏيندو.
4. **بُزدل شخص،** چاڪاڻ تہ اهو مشڪل وقت ۾ توهان کي ڇڏي ڀڄي ويندو .
5. **فاسق شخص،** چوجو اهو توهان کي هڪ گرهہ يا ان کان بہ گهٽ قيمت ۾ وڪڻي ڇڏيندو. ڪنهن پڇا ڪئي تہ گرهہ کان گهٽ ڇا آهي؟ فرمايائون: لالچ رکڻ ۽ ان کي نہ حاصل ڪرڻ. (احياء العلوم، کتاب آداب الالفة ـ ـ ـ الخ، الباب الاول في فضيلة الالفة والاخوة ـ ـ ـ الخ، بيان الصفات المشروطة فيمن تختار صحبته، ٢/٢١٤-٢١٥)

## مِنهاجُ العابدين پڙهڻ واري مدني انعام تي عمل ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِّدُنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نصيحتن تي عمل ڪريو ۽ نيڪ ۽ دِين دار ماڻهن جي صحبت ۾ رهڻ جي عادت بڻايو. چڱي ۽ نيڪ صحبت انسان کي سٺو ۽ نيڪ بڻائيندي آهي جڏهن بُري صحبت بُرائين ڏانهن وٺي ويندي آهي. چڱي ۽ نيڪ صحبت جو هڪ

بهترين ذريعو عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو پيارو پيارو مدني ماحول به آهي. اوهان به هن مدني ماحول سان وابسته ٿيو، هن سان جتي نيڪ صحبت نصيب ٿيندي اتي هميشه سچ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ کان بچڻ جو به ذهن بڻجندو. لهٰذا اڄ ئي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ مدني انعامات تي عمل شروع ڪري ڇڏيو. مدني انعامات تي عمل جتي ڪوڙ، غيبت، چغلي ۽ گارين کان بچائيندو اتي دل ۾ خوفِ خدا ۽ عشقِ رسول جي شمع به روشن ڪندو. مدني انعام نمبر 68 امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تصنيف "مِنْهاجُ الْعابِدِين" پڙهڻ تي مشتمل آهي، اهو مدني انعام مڪمل ڪجهه هن طرح آهي: ڇا اوهان هن سال گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي آخري تصنيف " مِنهاجُ العابِدِين" مان توبه، اخلاص، تقويٰ، خوف ۽ رَجا، عُجب ۽ ڏيکاءُ، اک، ڪن، زبان، دل ۽ پيٽ جي حفاظت جو بيان پڙهي يا ٻُڌي ورتو؟

لهٰذا هن مدني انعام تي عمل جي نيت سان ڪتاب مِنهاجُ العابِدِين پڙهڻ جي نيت ڪري ونو. جيڪڏهن هن ڪتاب جو مطالعو ڪري به چڪا آهيو، تڏهن به ان کي ٻيهر پڙهي ونو، ان کي ٻُڌي نيڪ بڻجڻ ۽ فڪرِ آخرت ۾ تڙپڻ جو جذبو بيدار ٿيندو. اللّٰه پاڪ اسان کي رحمتون ۽ خوب خوب برڪتون نصيب فرمائي ۽ هميشه دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رکي.

اٰمِين بِجاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اچو! ترغيب جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا،

## عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو

بابُ المدينه (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي اڳوڻي زِندگي گُناهن ۾ گذري رهي هئي، هر هڪ جي مُعاملي ۾ ٽنگ اَڙائڻ، ماڻهن سان جهيڙو

ڪرڻ، ڳالهه ڳالهه تي ڦڏو ڪرڻ جهڙين بُرين عادتن ۾ گِرفتار هو. خُوش قسمتي سان هڪ اسلامي ڀاءُ جي اِنفِرادي ڪوشِش تي ان رَمَضانُ المُبَارَڪ جي آخري عَشَري ۾ پنهنجي عَلائقي جي مسجد ۾ اعتڪاف ڪيو، جتي ان کي گهڻو سُڪون مليو. ان کان پوءِ ان وڌيڪ 2 سال اعتڪاف جي سَعَادَت حاصِل ڪئي. هڪ ڀيري انهيءَ مسجِد جي مُؤَذِّن صاحِب اِنفِرادي ڪوشِش ڪري اُن کي عالَمي مَدَني مرڪز فَيضانِ مدينه(باب المدينه ڪراچي) ۾ هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتِماع ۾ وني آيو. هڪ مُبَلِّغ دعوتِ اسلامي سُنّتن ڀريو بَيان ڪري رهيو هو، جيڪو سفيد لِباس، چهري تي هڪ مُشت ڏاڙهي ۽ مٿي تي عِمامي شريف جو تاج سجايل هو، مُبَلِّغ جي چهري جي ڪشِش ۽ نُورانيت ان جي دل ڪٺي ورتي ۽ هو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي ويو. اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن هڪ مُٺ ڏاڙهي به سجائي ورتي آهي.

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر گُناہوں کی دیگا دَوا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سِیَہ کارو آؤ گُناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پلا کر مَئے عشق دیگا بَنا یہ تمھیں عاشِقِ مُصطَفٰے مَدَنی ماحول

(وَسائلِ بخشش مرمم،ص۶۴۸)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هر عمل جو رِدِّ عمل آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هميشه سچ ڳالهائڻ جي باري ۾ ٻُڌي رهيا هئاسين. هر عمل جو ردّ عمل هوندو آهي، سچ جيئن ته هڪ نيڪ عمل ۽ سنو ڪم آهي ان ڪري ان جو ردِ عمل (Reaction) به بهترين هوندو آهي. حديث سڳورين ۾ سچيون ڳالهيون سيکارڻ واري آقا، سڌي واٽ هلائڻ واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سچ ڳالهائڻ جون ترغيبون ارشاد فرمايون آهن. اچو! سچ ڳالهائڻ جي ترغيب بابت به حديث سڳوريون ٻڌون ٿا:

1. فرمايائون: توهان تي سچ ڳالهائڻ لازم آهي ڇوتہ اهو نيڪي سان گڏ آهي ۽ اهي ٻئي جنت ۾ (ڪٺي ويندا) آهن. (الاحسان،کتاب الحظر والاباحۃ، باب الکذب، ۴۹۴/۷،حدیث:۵۷۰۴)

2. فرمايائون: بيشڪ سچائي ڀلائي جي طرف هدايت ڏيندي آهي ۽ ڀلائي جَنّت ڏانهن وٺي ويندي آهي ۽ انسان برابر سچ ڳالهائيندو رهندو آهي ايستائين جو الله پاڪ وٽ صِدّيق ٿي ويندو آهي. (بخاری ، کتاب الادب، باب قول اللّٰہ تعالیٰ، ۱۲۵/۴، رقم:۶۰۹۴)

## سچ خوبين جو مجموعو آهي:

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو سچ جون ڪوڙ برڪتون آهن، ❖ **سچ** هڪ نيڪي آهي. ❖ **سچ** جنّت ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي. ❖ **سچ** ڀلائي ڏانهن وٺي ويندو آهي. ❖ **سچ** خير کي ماڻڻ جو سبب آهي. ❖ **سچ** جنتين جي عملن مان آهي. ❖ **سچ** دنيا ۾ نجات ڏياريندو آهي. ❖ **سچ** قبر کي نورٌ علٰي نُورُ ڪرڻ جو سبب آهي. ❖ **سچ** آخرت ۾ بہ فائدي جو سبب آهي. ❖ **سچ** سان معاشري ۾ روشني پکڙجندي آهي. ❖ **سچ** سان معاشرو خوشگوار ٿيندو آهي. ❖ **سچ** ذهني سڪون فراهم ڪندو آهي. ❖ **سچ** ڳالهائڻ وارو هميشہ فائدي ۾ رهندو آهي. ❖ **سچ** ڳالهائڻ واري سان ماڻهو محبت ڪن ٿا. ❖ **سچ** انسان کي بااعتماد بڻائيندو آهي. ❖ **سچ** سان ڪاروبار ۽ تجارت ۾ برڪت ٿيندي آهي، امطلب تہ! سچ دِين ۽ دنيا جي ڪيئي فائدن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. لهٰذا سچ جي عادت بڻايو ۽ ڪوڙ ڪان بچو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رجب المرجب جو بابرڪت مهينو جاري آهي، هن مبارڪ مهيني ۾ روزا رکڻ جا ڪثير فائدا آهن، حديث پاڪ ۾ آهي تہ رجب جي هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي. (الجامع الصَّغیرحدیث ۵۰۵۱ ص۳۱۱ ، از فیضانِ سُنّت،ص۱۳۶۲) جڏهن تہ هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ جنهن رجب جو هڪ روزو رکيو تہ اهو هڪ سال جي روزن وانگر هوندو. (الجامع الصَّغیرحدیث ۵۰۵۱ ص۳۱۱ ، از فیضانِ سُنّت،ص۱۳۶۲) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رجب جا ڪجهہ ڏينهن اڃان بہ باقي آهن، تنهنڪري همت ڪيو ۽ رجب جا روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪيو. الله پاڪ اسان کي

رجب سميت ٻيا نفلي روزا رکڻ جو جذبو عطا فرمائي.

آمين بِجاهِ النَّبِی الْاَمین صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سچ جون برڪتون ۽ فائدا ٻڌي رهيا هئاسين،

حَڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جيڪي سچ جا فائدا بيان ڪيا آهن، انهن کي دل جي ڪنن سان ٻڌو ۽ سچ تي ڪاربند رهڻ جو ذهن ٺاهيو. جيئن مفتي صاحب فرمائن ٿا:

## سچ ڳالهائڻ جا ڏهه فائدا:

(1) جيڪو شَخص سچ ڳالهائڻ جو عادي ٿي وڃي، الله اُن کي نيڪوڪار بڻائي ڇڏيندو. (2) ان جي عادت سُنا ڪم ڪرڻ جي ٿي ويندي. (3) اُن جي بَرَڪت سان اهو مرڻ وَقت تائين نيڪ رهندو. (4) بُرائين کان بچندو. (5) جيڪو الله جي ويجهو صِدّيق ٿي ويندو ان جو خاتِمو چڱو ٿيندو. (6) اهو هر قسم جي عَذاب کان مَحفُوظ رهندو. (7) هر قسم جو ثَواب ماڻيندو. (8) دُنيا ۾ اُن کي سچّو چوڻ، چڱو سمجهڻ لڳندي آهي. (9) اُن جي عزّت ماڻهن جي دِلين ۾ ويهي رهندي آهي. (مرآة المناجيح، ج۶/۴۵۲) (10) سچ هڪ اهڙو نُور آهي جيڪو سچ ڳالهائڻ وارن جي دلين جي هدايت جو سبب بڻجندو آهي، جيتري قَدَر اُنهن کي پنهنجي رَبّ جو قُرب حاصِل هوندو آهي، اوترو ئي انهن کي اهو نُور حاصِل ٿيندو ويندو آهي. (روح البيان، پ۲۲، الاحزاب، تحت الاية:۳۵، ۷/۱۷۵)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي! تہ ڪجهه گهڙيون اهڙيون پڻ اينديون آهن جو ان ۾ سچ ڳالهائڻ مشڪل ۽ سچ کان هٽڻ آسان لڳي رهيو هوندو آهي، پر ياد رکو! جهڙي طرح وَاريءَ سان اڏيل عمارت ڪنهن بہ وقت هوا جي تيز جهوٽي سان ڪِري پوندي آهي، اهڙي طرح ڪوڙ جي بنياد تي

قائم ٿيندڙ عمارت به ڪٿي نه ڪٿي ضرور ڪِري پوندي آهي. ان ڪري ڪيترا ئي مشڪل حالات هجن، ڪيتري ئي مشڪل درپيش هجي سچ جو دامن نه ڇڏڻ گهرجي. بظاهر ان جون اهڙيون برڪتون نظر ايندیون آهن جو انسان حيران ٿي ويندو آهي. اچو اهڙي طرح جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا:

## وڏي همت سان سچ ڳالهايو

منقول آهي ته حَجّاج بِن يُوسُف هڪڙي ڏينهن ڪجهه قيدين کي قتل ڪرائي رهيو هو، هڪ قيدي اُٿي ڪري چوڻ لڳو: اي امير! منهنجو توتي هڪڙو حق آهي. حجاج پڇيو: اُهو ڪهڙو؟ چوڻ لڳو: هڪ ڏينهن فُلاڻو شخص توکي بُرو ڀلو چئي رهيو هو ته مون تنهنجو دِفاع (يعني بچاءُ) ڪيو هو. حجاج چيو: ان جو گواهه ڪير آهي؟ اُن شخص چيو: آئون الله تعالٰي جو واسطو ڏئي ڪري چوان ٿو ته جنهن اها ڳالهه ٻولهه ٻُڌي هئي اُهو گواهي ڏي، هڪ ٻئي قيديءَ اُٿي ڪري چيو: هائو اِهو واقعو منهنجي سامهون پيش آيو هو، حجاج چيو: ٻنهي قيدي کي آزاد ڪري ڇڏيو، پوءِ گواهي ڏيڻ واري کان پڇيائين: توکي ڪهڙي رڪاوٽ هئي جو تو اُن قيدي وانگر منهنجو دفاع (يعني بچاءُ) نه ڪيو؟ اُن سچائي کان ڪم وٺندي چيو: رڪاوٽ اِها هئي جو منهنجي دل ۾ تنهنجي پراڻي دشمني هئي، حجاج چيو: هِن کي به آزاد ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته هِن وڏي همت سان سچ ڳالهايو آهي. (وَفيات الاَعْيان لابن خلكان:٢٨/٢،ازجهوٽا چور،ص:١٩)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي سچ ڳالهائڻ وارو ڪڏهن نقصان ۾ ناهي رهندو، ان ڪري سچ کي پنهنجي عادت بنائڻ گهرجي. سچ ڳالهائڻ سان نه صرف دنيا بهتر ٿيندي آهي بلڪ آخرت ۾ به فائدو ٿيندو آهي. سچ ڳالهائڻ جي عادت آخرت جي لاءِ ڪيتري فائديمند آهي اچو ان بابت به روايتون ٻڌون ٿا:

## سچائي سبب بلند درجات!

حضرت سيدُنا بِشر بِن بَڪر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرتِ سَيدُنا اِمام اوزاعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي عالم سڳورن جي هڪ جماعت سان جنت ۾ ڏٺي

ڪري پڇيو: حضرتِ سيدُنا امام مالڪ بن اَنَس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪٿي آهن؟ چيائين: انهن جا درجات تہ گهڻا بلند آهن. مون پڇا ڪئي: ڪنهن سبب؟ چيائين: سندن جي سچائي جي ڪري. (التمهيد، باب ذكر عيون من اخبار مالك وذكر فضل موطئه، ۵۶/۱)

## سچ رحمتِ الٰهي ماڻڻ جو سبب آهي:

حضرت ابو عبد الله رَمَلي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا مون حضرت مَنصُور رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي خواب ۾ ڏٺو، مون ان کي چيو: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ انهن چيو تہ الله ڪريم مون کي بخشي ڇڏيو ۽ مون تي رحم فرمايو ۽ مون کي اهو ڪجهہ عطا فرمايو جنهن جي مون کي اميد نہ هئي. مون چيو: اها ڪهڙي شيء آهي جنهن ذريعي انسان الله ڏانهن متوجهہ ٿيندو آهي؟ انهن فرمايو: **سچ**. (احياء العلوم، ۱۱۶/۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ سچ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو ٻانهي کي الله پاڪ جي رحمت جو حقدار ڪندو آهي، اهڙي طرح اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪوڙ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو ٻانهي کي رِضاءِ الٰهي ۽ قُربِ الٰهي کان گهڻو پري ڪندو آهي. ان کان علاوه بہ ڪوڙ **جون تباھ ڪاريون** آهن. اچو! حديث سڳورين ۾ بيان ڪيل ڪجهہ برائيون ٻڌون ٿا:

## ڪوڙ جا ڀيانڪ نتيجا:

❖ جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ان جي بَدبُوءَ سبب ملائڪ هڪ مِيل پري ٿي ويندو آهي. (ترمذي، كتاب البر والصلة، باب ماجاء في الصدق والكذب، الحديث: ۱۹۷۹،۳/ ۳۹۲) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ سڀ کان وڏي خِيانت آهي. (سنن ابي داود، كتاب الادب، باب في المعاريض،الحديث:۴۹۷۱،۴/۳۸۱) ❖ ڪوڙ ايمان جو مُخالِف آهي. (مسنداحمد،مسند ابي بكر الصديق،۲۲/۱،حديث:۱۶) ❖ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ واري جي لاءِ هلاڪت آهي. (ترمذي،كتاب الزهد، باب ماجاء من تكلم بالكلمة ليضحك الناس، الحديث:۲۳۲۲، ۱۴۲/۴) ❖ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ وارو

جهنّم جي ايتري اونهائي ۾ ڪرندو آهي جيڪو آسمان ۽ زمين جي درمياني فاصلي ڪان وڌيڪ آهي. (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، الحديث:۴۸۳۲، ۲۱۳/۴)

میں فالتو باتوں سے رہوں دُور ہمیشہ — چُپ رہنے کا اللہ سَلِیقہ تُو سکھا دے!

میں جُھوٹ نہ بولوں کبھی گالی نہ نِکالوں! — اللہ مَرَض سے تُو گُناہوں کے شِفا دے!

(وسائلِ بخشش، ص۱۱۵)

جھوٹ کے خلاف جنگ۔۔۔۔جاری رہے گی

نہ جھوٹ بولیں گے نہ بلوائیں گے۔۔۔۔اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس مدني چينل جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه بدقسمتي سان ڪوڙ جو رواج عام ٿيندو پيو وڃي. سچ جي عادت بنائڻ ۽ ڪوڙ ڪان بچڻ جي لاءِ سٺي ماحول جو هئڻ نهايت ضروري آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول بين ڪيئي گناهن سميت ڪوڙ ڪان بچڻ ۽ سچ ڳالهائڻ جي عادت بنائڻ جو به ذهن ڏئي ٿو، اسان سڀ هن مدني ماحول سان وابسته رهون، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ڪوڙ ڪان بچڻ ۽ سچ ڳالهائڻ جي عادت بڻجندي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي 107 ڪان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪري رهي آهي. انهن مان هڪ شعبو "مجلس مدني چينل" به آهي. هن ۾ شڪ ناهي ته دورِ حاضر ۾ ميڊيا ذهن سازي ۽ ڪردارسازي ۾ هڪ ڪارگر هٿيار جو ڪم ڪري رهيو آهي، ڪوڙ ماڻهو پنهنجي مخصوص گمراهه ڪن، باطل نظريات ۽ عُرياني ۽ فحاشي پکيڙڻ جي لاءِ ڏينهن رات ان جو غلط استعمال ڪرڻ لڳا آهن، جنهن سبب نوجوان نسل

انھن جي بُري اثرات ۽ افڪار جي وڪڙ ۾ اچي وئي. اھڙي صورتحال ۾ ھر درد مند دل جي بس ھڪ ئي صدا ھئي تہ ڪاش! ڪو ميڊيا جي ھن جنگ ۾ عقائدِ اھلِ سُنّت جي پاسباني جو عَلَم(يعني جھنڊو) ڪڍي ۽ پاڪيزگي ۽ طھارتِ فڪر ۽ اصلاحِ عقائد ۽ اعمال جو علمبردار ھڪ خالص100فيصد اسلامي چينل شروع ڪري. مرڪزي مجلسِ شوريٰ وڏي شدّت سان محسوس ڪيو تہ مسلمانن جي گھرن مان T.V ڪيرائڻ نھايت مشڪل ڪم آھي، بس ھڪ ئي صورت نظر آئي ۽ اھا ھي تہ جھڙي طرح دريا ۾ ٻوڏ ايندي آھي تہ ان جو رخ فصلن وغيره جي طرف موڙيو ويندو آھي تہ جيئن فصل بہ سيراب ٿين ۽ آبادين کي بہ تباھي کان بچائي سگھجي بلڪل انھيءَ طرح T.V ئي جي ذريعي مسلمانن جي گھرن ۾ داخل ٿجي ۽ انھن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو وڃي، جڏھن ھن شعبي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي وئي تہ خبر پئي تہ پنھنجو T.V چينل کولي، فلمن ڊرامن، گانن باجن، موسيقي جي ڌُنن ۽ عورتن جي نمائش کان بچندي 100 فيصد اسلامي مواد فراھم ڪرڻ ممڪن آھي تہ اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي **مرڪزي مجلسِ شُوريٰ** خوب جدوجھد ڪري رمضانُ المبارڪ 1429ھ سيپٽمبر (2008) کان مدني چينل جي ذريعي گھر گھر سنّتن جو پيغام عام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ان جا حيرت انگيز مدني نتيجا سامھون اچڻ لڳا. ۽ ماڻھو سنت جا پابند ٿيڻ لڳا. اسان سڀ بہ مدني چينل ڏسندا رھون بلڪ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيندا رھون، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ فيضانِ اِسلام خوب عام ٿيندو.

مدني چينل ڏسڻ جا ڪيئي فائدا آھن. مدني چينل ڏسڻ سان ديني معلومات حاصل ٿيندي آھي، مدني چينل ڏسڻ سان عمل جو جذبو بيدار ٿيندو آھي، مدني چينل ڏسڻ سان ڪردار سنو ٿيندو آھي، مدني چينل ڏسڻ سان گھر ۾ مدني ماحول ٺھندو آھي، مدني چينل ڏسڻ سان گناھن ڀري چينلز ڏسڻ سان بچڻ جو ذھن ٺھندو آھي،

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْجي عطا ڪيل”72 مدني انعامات“ ۾ مدني انعام نمبر 47 ۾ به روزانو گهٽ ۾ گهٽ 1 ڪلاڪ 12منٽ مدني چينل ڏسڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي.

مَدَنی چینل کی مُہِم ہے نفس و شیطاں کے خلاف جو بھی دیکھے گا کریگا اِنْ شَآءَ الله اِعتراف
نَفْسِ اَمّارہ پہ ضَرب ایسی لگے گی زور دار کہ نَدَامَت کے سبب ہوگا گنہگار اشکبار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءَ جنھن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳاله ٻولھ جون سنتون ۽ آداب

”هڪ چپ هزار سُک“ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جا 12 مَدَني گل ٻڌي ونون ٿا:

﴿1﴾ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ سنّت آهي ﴿2﴾ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻنهي جي نزديڪ توهان معزز رهندؤ ﴿3﴾ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلھ دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت نہ آهي ﴿4﴾ ڪٺي هڪ ڏينهن

جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان به اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت ٻڌايو، اوهان جا اخلاق به اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار به آدب سکندو ﴿5﴾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهه ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي ﴿6﴾ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي ته اطمينان سان ٻڌو، ان جي ڳالهه ڪٽي پنهنجي ڳالهه شروع ڪرڻ سنّت ناهي ﴿7﴾ ڳالهه ٻولهه ڪندي بلڪ کنهن به حالت ۾ ٽهڪ نه ڏيو ڇوته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن به ٽهڪ نه ڏنو ﴿8﴾ گهڻو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٽهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي ﴿9﴾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو ته اُن کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي ويئي آهي ته اُن جي ويجهڙائي ۾ صحبت اختيار ڪريو ڇوته اُن کي حڪمت عطا ڪئي ويندي آهي.“ (سنن ابن ماجه، ج 4 ص 422 الحديث 4101) ﴿10﴾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو چُپ رهيو، ان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو.“ (سنن ترمذي ج 4 ص 225 حديث 2509) ﴿11﴾ ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪجي ته ان جو ڪو صحيح مقصد به هئڻ گهرجي ۽ هميشه مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهه ڪئي وڃي ﴿12﴾ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو ته ڪنهن مسلمان کي بلااجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوي رضويه، ج 21 ص 127) ۽ بي حيائي جي ڳالهه ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهه) کان ڪم وٺي ٿو.“

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل

ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۾ 120 صفحن جو ڪتاب“سنتيں ۽ آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان ڳڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع آهي: امام اعظم جي ذهانت جا واقعا.“ جنهن ۾ امامِ اعظم، فقيہِ افخم، ڪروڙين حنفين جي پيشوا حضرت سيدنا امام ابو حنيفه رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي حيرت انگيز ذهانت جا مختلف واقعا بيان ڪيا ويندا ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گل به پيش ڪيا ويندا. لهٰذا! **آئنده جمعرات به** اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به ڳڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ ٍالنَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَ صَحْبِہٖ وَ سَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

[3]...القول البدیع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. [1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. [3]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانیة والخمسون، ص149

[2] ...القول البدیع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغیب والترھیب، ج ۲، ص ۳۲۹، حدیث ۳۱

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305